This Article is written by
S.P.Meghani
from book "Sindhyat Jo Upasak"
compiled by Rukmani Chainani
published in year 2002

سنڌيت - ساهتيہ - ڪلا جو پتامهہ 'اُتم'

- ايس.پي.مينگهاڻيِ

سنڌي سنسڪرتيِ، ساهتيہ، ڪلا جي رکيا ۽ بهبوديِ جيتري ان پيشم ڪئيِ آهي يا ڪري رهيو آهي، اهڙو شايد ٻيو ڪو ورلي ليي. سندس پتڪڙو گهر ساهتيہ ۽ ڪلا جو ڀنڊو آهي تہ پاڻ ساهتيہ ۽ ڪلا جو سنپورڻ گيان ڪوش. ان جون قربانيون، اڻٿڪ ڪوششون مشعال سمان راه روشن ڪنديون جيئن ان راه جا راهيِ بڻجي اسين سنڌيت کي برقرار رکڻ لاءِ سجاڳ رهون.

چوندا آهن دادا مالهيءَ جي رخصت ڪانپوءِ دادا ڪيرت ۽ دادا اُتم جي ترمورتيِ اَڌوري آهي. مان چوندس 'نہ' هيءَ ترمورتيِ صدين تائين اَمر رهندي ۽ ان جي چترڇايا ۾ سنڌي سنسڪرتيِ دائم قائم رهندي.

شري اُتم جي سايعي ۾، نگهبانيِ ۾ ڪهاڻيِ، ناٽڪ، ارٽيون، سنڌيت جي اوسر ٿيِ آهي. پوءِ ڀلي ڪلاڪار منڊل هجي، سنڌو ڌارا هجي، اکل ڀارت ٻوليِ سڀا هجي، سنسار سماچار هجي، نئين دنيا هجي يا سنڌو ڪلامندر يا زندگيِ يا هند سنڌ جي ڪابہ ڪلا سنستا هجي. اُن جي پختي ملڻ ۾ پيڙه جي پٿر سهايتا جي ٿنڀ جو ڪم ڪيو آهي.

هن صاحب لاءِ سنڌيت ڪان مٿي ڪجهہ بہ ناهي. چاهي ها تہ اج الائي ڪهڙين بُلندين کي ڇُهي ها پر نہ، پنهنجي سُک-ترقيءَ کي ٺوڪر هڻيِ، سچي سپاهيءَ وانگر سنڌيت جي سڻائي لاءِ جنگ جوٽيِ آهي. هن جنگ ۾

سندس جيون سنگني مهان ليکا سندري ۽ ٻار آشا، پوڄا ۽ سندن گهوٽن جو پورو سهڪار آهي. آشا ۽ چاند پنجابي ته دبئيءَ ۾ اُتم وانگر سنڌيت جي ڪلا لاءِ پاڻ پتوڙي رهيا آهن.

سندس ڏنل هڪ مثال مون لاءِ زندگيءَ جو مقصد ئي نه پر اُصول ٿي رهيو آهي. هڪ دفعي ڳالهه ۾ مون کان پڇيائين، 'منگهاڻي، ناٽڪ ڪيئن پيا هلن؟' الائي منهنجو به موڊ ٺيڪ ڪونه هو جو چيومان، 'دادا، ڇا ڪجهه ڪونهي. اجايو هندي اسٽيج ناٽڪ ڇڏي، سنڌي ناٽڪ سان دِل لڳايم. سنڌيءَ ۾ ناٽڪ ڪرڻ معنيٰ پاڻ ولوڙڻ.' ٻڌي چيائين، 'ها ڀائي، هندي ناٽڪ ۾ لفافو ڀريل ملندو هوندو شايد. پر يار، پيٽ ته ڪُتو به ڀريندو آهي. انسان کي پيٽ ڀرڻ کان وڌيڪ ڪجهه ڪرڻو آهي. ڪمائي ته شهري واريون به ڪنديون آهن، پر اهي قدر نه ڪمائينديون آهن. اسان کي پهرين پنهنجي سنسڪرتيءَ لاءِ ڪجهه ڪرڻو آهي پوءِ ٻي ڳالهه. جيتوڻيڪ ڪمائيءَ لاءِ مون هندي ٿئيٽر ڪافي شروع ڪئي هئي پوءِ به سندن ڳالهه کي ڳنڍ ٻڌي ڪري اڄ تائين ناٽڪ ڪلا کي ڪمائيءَ جي نظر کان ڪڏهن ڪونه ڏٺو. قدر ٿئي نه ٿئي، سنمان سمپتي ملي نه ملي، پنهنجي فن جي راهه تي هلندو رهيس، هلندو رهيس، ڀل فلم هجي يا .T.V، زندگيءَ جي هن ڪهاڻيءَ جي ڪاروان کي فن جي فلاسافر کي - اڄ ڪير اچي ۽ هن ڪندن جي سيجا کي ڪير سنواري سندس سنمان ۽ سنڪار ڪري!